# سکر شهر جي تاريخ تي راشدي ڀائرن جو تحقيقي ڪم: هڪ اڀياس
# A Research Study of History of Sukkur by Rashdi Brothers

1. محمد علي لغاري
2. نصرالله ڪابورو

**Abstract:**

*The historical city of Sukkur is important for its Geographical location, economic activities, fertility of its agriculture lands and its presence on the bank of River Indus. The city not only attracts hundreds of tourists, but it is also famous for its importance in history of Sindh. Even a layman knows the historical relics and tourist resorts like Sadh Belo (Sadh Forest), Bakhar fort (Bakhar jo Qillo), tower of Mir Masoom (Mir Ma'sum jo munaro), and abode of sattis (Sattian jo aastan) Lansdowne bridge, and Sukkur barrage situated in Sukkur. However, the city's gateways and relics bear testimony to centuries old ancient history of Sindh. These relics waited for the centuries for the experts to do research on them and to explore their secrets. In 1920, two extremely intelligent intellectual brothers Pir Hussamuddin Rashdi and Pir Ali Muhammad Rashdi came from Larkana to Sukkur to begin their journalist career. During their stay at Sukkur, the both brothers, because of their deep study, perceived the importance of the relics. Resultantly they began their research by rerading and noting down epitaphs inscribed on the relics, and meeting with the elders of the city for gaining knowledge about history of those relics. Later on, they got this information published in the form of the articles. These articles were initially published in different newspapers and magazines but later on the articles were compiled and published in the book form. In this article all the efforts of the Rashdi brothers on this count have been presented.*

سنڌ جو تاريخي شهر سکر نہ رڳو پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ، واپاري ۽ زرعي اقتصادي وسيلن ۽ سنڌوءَ ڪناري تي هجڻ ڪري سنڌ جو هڪ نهايت شاندار شهر آهي، انهيءَ ڪري نہ رڳو سياحن لاءِ ڪشش جو سبب رهيو آهي پر اهو پنهنجي تاريخي پس منظر جي حوالي سان پڻ نهايت اهميت جوڳو شهر آهي.

هن شهر جي تاريخي اهڃاڻن ۽ تفريح گاهن جهڙوڪ: ساڌٻيلو بکر جو قلعو، معصوم شاهہ جو منارو، ستين جو آستان، لئنسڊائون پل ۽ سکر بئراج کان تہ هر عام توڙي خاص ماڻهو واقف آهي پر ڏٺو وڃي تہ مجموعي طور هن شهر جا در و ديوار ۽ قديم آثار جيڪي سنڌ جي صدين جي تاريخ جا شاهد آهن. هر دؤر ۾ پنهنجي قدردان محققن ۽ پارکن جي آمد جا منتظر رهيا تہ سنڌ جي هن تاريخي شهر ۽ ان جي آسپاس پکڙيل قديم آثارن ۽ تاريخي ماڳن مڪانن تي اعليٰ پائي جو تحقيقي ڪم ڪيو وڃي. سندن آس تڏهن پوري ٿي جڏهن 1920ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جا بہ غير معمولي ذهين ۽ اعليٰ صلاحيتن ۽ خوبين جا مالڪ پائر - پير علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشدي ضلعي لاڙڪاڻي کان ڪهي اچي سکر ۾ پهتا جن جي عقابي اکين ان علمي ۽ تاريخي ضرورت کي بخوبي پروڙي ورتو. هُو بنادير جي فقط پنهنجي شوق ۽ جذبي تحت تاريخي عمارتن جي ڪتبن پڙهڻ، سندن قدامت جانچڻ ۽ جهونين شخصيتن سان ملاقاتون ڪري ڪائنن حال احوال وٺڻ بعد سموري مليل جاڻ کي مقالن جي صورت ڏئي شايع ڪرڻ جي ڪم ۾ مصروف ٿي ويا. اهي مقالا وقت بوقت مختلف اخبارن، رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا ۽ پوءِ اڳتي هلي ڪتابن جي صورت اختيار ڪئي. سندن اهي علمي ۽ تحقيقي خدمتون نهايت اهم آهن، جن جو جائزو هن مقالي ۾ پيش ڪرڻ جي حتي الامڪان ڪوشش ڪئي ويندي.

## پير علي محمد راشدي:

پير علي محمد شاهہ ولد پير محمد حامد شاهہ راشدي 5 آگسٽ 1905ع تي ڳوٺ بهمڻ، لڳ نصرت اسٽيشن تعلقي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.(1)پاڻ محدود تعليم جي باوجود شهرت جي بلندين تي پهتو.

پير صاحب پنهنجي صحافتي زندگيءَ جو آغاز 1924ع ۾ "سنڌنيوز" اخبار جي نامہ نگار ٿيڻ سان ڪيو. 1928ع ۾ "الراشد" اخبار جو ايڊيٽر ٿيو. 1927ع کان 1932ع تائين خانبهادر محمد ايوب کهڙي جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. 1934ع ۾ سکر مان

”ستاره سنڌ“، 1936ع ۾ ”صبح سنڌ“ جاري ڪيائين ۽ ڪيترين ئي ٻين اخبارن ۾ڪم ڪيائين. راشدي صاحب کي سنڌ جي عمدن اديبن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. (2)

پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي کان عمر ۾ ڇهه سال وڏو هو. سکر سان سندس تعلق 1924ع کان قائم ٿي چڪو هو. جيئن پاڻ لکي ٿو: ”سن 1924ع تائين تڏهن منهنجي عمر اٺويهين ورهين جي ٿي، مون ۾ ايتري لياقت پيدا ٿي ويئي هئي جو آءٌ ڪجهه لکي سگهندو هوس. مون هڪ ماهنامو ”الراشد“ جي نالي سان اتان ڳوٺ مان ڪڍڻ شروع ڪيو ڇپائيندو سکر مان هوس، پر آفيس ڳوٺ ۾ ئي رکيم. حسام الدين ان ڪم ۾ منهنجو هٿ ونڊائڻ شروع ڪيو.“ (3)

ان بعد پير علي محمد راشدي 1929ع ۾ محمد ايوب کهڙي جي چوڻ تي سکر مان نڪرندڙ ”سنڌ زميندار“ اخبار جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. کهڙو صاحب ان اخبار جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر هو ڪجهه عرصي بعد پير حسام الدين راشدي بہ هن اخبار ۾ نائب مدير ٿي ڪم ڪرڻ لڳو پر ڪجهه سالن بعد پير علي محمد راشدي جا محمد ايوب کهڙي سان اخبار جي پاليسي جي سلسلي ۾ اختلاف ٿي پيا ۽ ٻئي ڀائر سکر ڇڏي ڳوٺ پهتا. وري 1934ع ۾ سکر مان ”ستاره سنڌ“ اخبار ٻنهي ڀائرن جاري ڪئي جيڪا هفتي ۾ ٻہ ڀيرا شايع ٿيندي هئي. هن اخبار ۾ اهم علمي، تحقيقي ۽ تاريخي موضوعن تي ليک شايع ٿيندا هئا، پر سکر جي تاريخ تي تحقيقي ڪم جي شروعات پير علي محمد راشدي اڳ ۾ ئي ڪري چڪو هو.نہ رڳو اهو پر ان سلسلي ۾ هڪ ادارو پڻ قائم ڪيو ويو جنهن جو تفصيل ڄاڻائيندي پير حسام الدين راشدي لکي ٿو: ”مير معصوم بکريءَ جي شخصيت کان آءٌ انهيءَ وقت متاثر ٿيس، جڏهن 1928ع ۾ سکر پهچي، منارو ۽ قبرستان ڏٺم. انهيءَ وقت، عام اعتقاد مطابق، مير معصوم کي ولي الله سمجهيم ۽ مناري متعلق جيڪا روايت هئي تہ مير صاحب هڪ غير مسلم ڇوڪريءَ جي عشق ۾ ڦاسي، اهو منارو ٺهرايو انهيءَ تي ويساهہ ڪرڻو پيو. مير لاءِ زياده انس ۽ سندس احوال جي سلسلي ۾ تجسس تڏهن وڌيو جڏهن 25 ڊسمبر 1931ع جي هڪ سخت سرد ڀيڙيءَ جو اتر جي جَهڪَ هوائن ۾ پراڻي سکر جي معصومي خاندان پنهنجي پرڙئي مڙس کي پڳ ٻڌائڻ جي رسم منعقد ڪئي ۽ هڪ شاندار جلسو ڪري ان ۾ تقريرون ڪيون. سکر ۾ مسلسل رهڻ سبب دلچسپي وڌندي رهي، مير ۽ مير جي متعلقات جو هر اطلاع گڏ ڪرڻ شروع ڪيم. تاريخي ذوق جي تسڪين لاءِ پاڻ ۾

چند دوستن گڏجي 1932ع ۾ ”مسلم هسٽاريڪل اينڊ پبلسٽي سوسائٽي“ جي نالي سان هڪ جماعت ٺاهي، جنهن جا هي ميمبر ڪيا ويا:

(1) ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي (مرحوم) وٽرنري سرجن.

(2) سيد علي محمد ولد سيد حامد شاهه راشدي.

(3) ميان عبدالله صاحب ميونسپل ڪائونسلر (شيخ شينهن وارو مرحوم).

(4) آغا محمد نواز خان پٺاڻ، بي. اي (مرحوم).

(5) سيد حسام الدين راشدي، ايڊيٽر: سنڌ زميندار.

(6) شيخ ڪريم بخش مرحوم (وڪيل روهڙي).

(7) شيخ غوث بخش مرحوم بي. اي (وڪيل، روهڙي).

(8) مسٽر عبدالرحيم ڪرل وڪيل، (مرحوم).

(9) آغا نظر علي خان افغان (مرحوم)، مئنيجر سنڌ زميندار، سيڪريٽري.

(10) افتخار مرتضيٰ (شيخ شينهن وارو)، جوائنٽ سيڪريٽري.

انهيءَ سوسائٽيءَ جا هيٺيان به اغراض مقاصد هئا:

(1) تاريخ ۽ آثار قديمه جي تحقيقات.

(2) صحيح تاريخ ۽ سوانح مشاهير جي نشرو اشاعت. (4)

راشدي صاحب کي سنڌي ٻوليءَ جي عمدن اديبن ۾ شمار ڪيو ويجي ٿو. ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ نالي ٽن جلدن ۾ لکيل سندس ڪتاب سنڌي ادب ۾ نهايت مٿانهين حيثيت رکي ٿو. 14 مارچ 1987ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪيائين. (5)

پير علي محمد راشدي سکر جي تاريخ تي جيڪو ڪم مقالن ۽ ڪتابن جي صورت ۾ ڪيو انهن مان جو ڪجهه شايع ٿيو ان جو تفصيل هيٺ پيش ڪجي ٿو.

## حيات معصوم:

هيءُ مقالو مير معصوم شاهه جي شخصيت ۽ خدمتن بابت هو. پير حسام الدين موجب ”هڪ ليڪچر مير معصوم جي احوال تي تيار ڪيائين، جيڪو 20 ڊسمبر 1931ع جو سکر جي بزم مشاعري ۾ پڙهيو ويو ۽ پوءِ مٿئين سوسائٽيءَ جي اهتمام سان جنوري 1932ع ۾ ”حيات معصوم“ جي عنوان هيٺ سنڌ زميندار پريس مان شايع ٿيو. مير

معصوم جي هڪ حدتائين تفصيلي سوانح لکڻ ۽ ڪتابي صورت ۾ ڇپڻ جي اها پهرين ڪوشش هئي، جنهن کي پوءِ ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم پڻ پنهنجو ماخذ بڻايو.“ (6)

جيتوڻيڪ هن ڪتاب بابت وڌيڪ احوال نٿو ملي پر سيد حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب ”امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکري“ ۾ ڪيترين ئي جاين تي پير علي محمد راشدي جي مذڪوره تحقيقي ڪم مان استفادو حاصل ڪيو آهي. جيئن سيد حسام الدين راشدي امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکري“ جي باب ستين ”مير معصوم جي ولادت“ جي شروعات ۾ مير معصوم جي ولادت تي ڇيل فارسي قطعي ڏيڻ بعد لکي ٿو: ”انهيءَ قطعي جا آخري ٻه شعر خانداني شجري جي حوالن سان پهريون پير علي محمد شاهه راشدي ”حيات معصومي“ ۾ ڇپيا ۽ ان کانپوءِ مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي مقدمي ۾ آندا.“ (7)

اهڙيءَ ريت پير حسام الدين پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾ ”حيات معصوم“ جا جملي 11 حوالا ڏنا آهن، جنهن سان مذڪوره ڪتاب جي علمي اهميت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. هينئر هيءُ ڪتاب اڻلڀ آهي.

## سنڌ ۾ مغلن جي زماني جا تاريخي يادگار:

پير علي محمد راشدي جو هيءُ مقالو ”ستاره سنڌ“ اخبار جي بهار نمبر 1936ع ۾ شايع ٿيو جنهن کي بعد ۾ ماهوار ”نئين زندگي“ جي مئي، جون، جولاءِ، آگسٽ، سيپٽمبر 1964ع وارن شمارن ۾ پنجن قسطن جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو. هن مقالي ۾ سکر ۽ روهڙيءَ سان تعلق رکندڙ مغل دور جي هيٺين يادگار عمارتن ۽ اڏاوتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي: جامع مسجد روهڙي، يادگار معصومي، روهڙيءَ جو عيدگاهه، مناره معصوم، منزل گاهه واريون عمارتون، ڄيل جي قريب واريون عمارتون ۽ کوهه، قبرستان، خواجه خضر جي آستان واري مسجد، قاسم خاني (ستين جو ٿان)، تربت سلطان محمود بکري، روهڙيءَ جون ٻيون مسجدون، بکر (قلعو).

هن طويل مقالي ۾ پير صاحب مٿي ڄاڻايل عمارتن جو تفصيل نهايت عمدي نموني ڄاڻايو آهي، جنهن ۾ عمارتن جي اڏاوت جا سال، جاگرافيائي بيهڪ ۽ ڪتبن تي ڄاڻايل عبارتن جا تفصيل شامل آهن. مثال طور منزل گاهه وارين عمارتن بابت لکي ٿو: ”سکر بندر تي منزل گاه واري ميدان جي ڏاکڻين پاسي ساڌ ٻيلي سامهون درياه جي ڪناري جي نزديڪ سيد معصوم جون جوڙايل ٻه ٻيون جايون آهن. جن مان هڪ سنه 1006هه ۾

ٻي سنہ 1007هہ ۾ تعمير ٿيل نظر تي اچي. سنہ 1006هہ ۾ جيڪا جاءِ جڙي آهي، سا سنہ 1007هہ واري هشت پهلو جاءِ جي اولهہ ۾ آهي. اندرين پاسي ڏانهن اولاهين پٽ تي هي ڪتبہ پٿر تي اڪريل اٿس:

خوشا منزل باغ رضوان رقم
ڪہ جان راد هد فيض باغ ارم
بتاريخ اين جاءِ عشرت سرشت
زهي جاءِ عشرت رقم زد قلم
سنہ 1006هہ

سنڌ گزيٽيئر ڀاڱي (ب) جي مؤلف سمائٿ صاحب جو خيال آهي تہ اها جاءِ مسجد ٿي آهي. ان خيال جي ڪزن صاحب بہ پنهنجي مٿين بيان ڪيل ڪتاب جي صفحي 154 تي تصديق ڪئي آهي."(8)

اهڙيءَ ريت متي ڄاڻايل سيني جاين ۽ عمارتن جي تاريخي اهميت اجاگر ڪرڻ جي سلسلي ۾ راشدي صاحب هن مقالي ۾ نهايت محنت کان ڪم ورتو آهي.

## سکر جون جنگيون:

پير علي محمد راشديءَ جو سکر جي تاريخ بابت هيءُ عمدو تحقيقي مقالو سڀ کان پهريائين 1935ع ۾ ماهوار "سنڌو" ميان جو ڳوٺ ضلعي شڪارپور ۾ پنجن قسطن ۾ شايع ٿيو. اهي پنج ئي قسطون نقل ڪري سنڌ جي تاريخ جي شائق غلام مصطفيٰ پيئي صاحب ماهوار "نئين زندگي" کي ٻيهر شايع ڪرڻ لاءِ موڪليون. جيئن مذڪوره مقالي جي شروع ۾ ڄاڻايل آهي:"اهي پنج مضمون، 'سکر ۾ جنگيون' جي عنوان سان، سن 1935ع ۾، تعلقي شڪارپور جي، "ميان جو ڳوٺ" مان شايع ٿيندڙ ماهنامي "سنڌو" ۾ شايع ٿيا هئا. انهيءَ سلسلي جو هيءُ پهريون مضمون "ڪرڙي جي جنگ" تي "سنڌو" ماه جون 1935ع جي پرچي ۾ ڇپيو هو. غلام مصطفيٰ پيو ڪرن (شڪارپور). ادارو محترم غلام مصطفيٰ صاحب پيئي جو شڪرگذار آهي، جنهن اهڙا ناياب ۽ املهہ مضامين نقل ڪري "نئين زندگيءَ" جي سينگارڻ لاءِ ارسال فرمايا آهن. ادارو وڏي فخر سان پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري ٿو."(9)

هن مقالي ۾ هيٺيان ذيلي عنوان شامل آهن:

1. ڪرڙيءَ جي جنگ.

2. سکر جو شاهہ بکر وٽ پڏي مئو.
3. همايون ۽ ارغونن جي وچ ۾ وٺ پڪڙ.
4. ناهيد بيگم خفيہ طور ٺٽي مان ڀڄي بکر آئي.
5. توبن جو چٽڻ ۽ خليل الله خان جي تنبن جو موچڙن سان پرجي وڃڻ.

ڪرڙيءَ جي جنگ بابت احوال لکندي راشدي صاحب جي آڏو فقط هڪ تاريخي ماخذ رهيو: ”تازه نواءِ معارڪ (فارسي) جيڪو ان دؤر ۾ قلمي نسخي جي صورت ۾ هو. جيئن راشدي صاحب لکي ٿو:“سکر جي تاريخ جي جاچ ڪندي مون کي سکر بابت عجيب و غريب حقيقتون معلوم ٿي رهيون آهن. هن هيٺ مان سکر ۾ ٿيل هڪ جنگ جو احوال ڏيان ٿو. جا اڄ کان هڪ سو چاليهہ سال اڳ شاهہ شجاع الملڪ ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ لڳي هئي. اهو احوال مان هڪ اڻ لڀ قلمي ڪتاب مان، جيڪو هينئر ”تازو نوائي معارک“ (فارسي) تاليف - منشي عطا محمد شڪارپوري وارو سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي - حيدرآباد سال 1957ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي، تان ورتو آهي، جنهن ۾ مرزا عطا محمد شڪارپوريءَ ان زماني جا چشم ديد حالات قلم بند ڪيا آهن. هو صاحب شجاع الملڪ جي زمانہ ۾ حڪومت جو اهلڪار هو ۽ شايد مرزا غلام مصطفيٰ خان رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر جي خاندان سان سندس تعلق هو.“ (10)

هن مضمون جي ٻئين قسط ۾ پير صاحب ستين صدي هجري ۾ هندستان جي حڪمرانن ناصر الدين قباچہ ۽ شمس الدين التمش وچ ۾ ٿيل مقابلن دوران بکر جي قلعي جي تاريخ سان لاڳاپيل ڪجهہ اهم واقعا نروار ڪيا آهن. جيئن هو لکي ٿو: ”هن مضمون جي ذريعي هڪ نهايت قيمتي نُڪتو نروار ٿئي ٿو ۽ اهو هي آهي تہ ستين صدي هجريءَ جي اوايل ۾ بہ بکر موجود هو ۽ ڪيس سنڌ جي جاگرافيءَ ۾ وڏي اهميت حاصل هئي. مٿس قلعو هو ۽ ان ۾ خزانن جي حفاظت لاءِ انتظام هو ۽ بادشاهن جي رهائش جو اهتمام ٿي ٿي سگهيو.“ (11)

هن مضمون جي ٽئين قسط ۾ پير صاحب هندستان جي شهنشاهہ همايون جي سنڌ ۾ رهڻ ۽ سنڌ جي ارغون حڪمرانن سان سندس لاڳاپن سان گڏوگڏ بکر ۽ سکر جي تاريخ کي نهايت اهم تاريخي ماخذن جي مدد سان اجاگر ڪيو آهي. جيئن پاڻ لکي ٿو: ”همايون جي جيڪا حياتي انتهائي مصيبتن هيٺ سنڌ ۾ بسر ٿي آهي، سا انساني ارادي جي پختگي ۽ عزم جي بلنديءَ جو بلند ترين مثال پيش ڪري ٿي، جنهن مان هر زماني جا

ماڻهو هڪ نئين زندگي حاصل ڪري سگهن ٿا منهنجو ارادو آهي ته هڪ ڪتاب ۾ اهو سارو تفصيل سان لکان. مگر في الحال مان فقط بکر سان تعلق رکندڙ ڳالهيون هن مضمون ۾ قلمبند ڪرڻ گهران ٿو منهنجي معلومات جي بناءَ هيٺين ٽن ڪتابن تي آهي:

1. تذڪرة الواقعات: مؤلف جوهر آفتابچي - جوهر همايون جو ڪوندو بردار هو ۽ ساري سفر ۾ پنهنجي آقا سان هم رڪاب هو هن سمورا واقعات نهايت تفصيل سان لکيا آهن.
2. . تاريخ معصومي مولف مير معصوم بکري هو جيڪو سلطان محمود بکريءَ جو همعصر هو. مغل شهنشاهه همايون، سلطان محمود جي زماني ۾ سنڌ آيو ۽ ڪيترا واقعا سيد معصوم خود سلطان جي زباني معلوم ڪري لکيا.
3. . همايون نامه از گلبدن بيگم - بيگم موصوفه شهنشاهه همايون جي ڀيڻ هئي ۽ شهنشاهه اڪبر جي چوڻ تي هن پنهنجي معلومات کي ڪتابي صورت ۾ درج ڪيو..." (12)

پير صاحب هن مضمون جي چوٿين قسط ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ بکر ۽ سکر جي سياسي حالتن ۽ واقعن کي اجاگر ڪيو آهي، جيئن پاڻ لکي ٿو: "سلطان محمود ولد مير فاضل ڪوڪلتاش سنڌ جي ارغون حاڪمن جو امير ڪبير هو. بهادريءَ ۾ هو پنهنجو مثال پاڻ هو. سنڌ ۾ پهريون ارغون حاڪم شاهه حسين بغير ڪنهن پٽ ڇڏڻ جي 962هجري ۾ مري ويو. ڪانئس پوءِ سنڌ جي حڪومت سندس ٻن اميرن: مرزا عيسيٰ ترخان ۽ سلطان محمود خان (بکري) پاڻ ۾ ورهائي ورتي. لڪيءَ وارو جبل ٻنهي حڪومتن جي حد مقرر ٿيو. هوئنئ ته جڏهن کان وٺي سنڌ ارغونن جي هٿ ۾ آئي آهي تڏهن کان وٺي سلطان محمود بکر جو حاڪم ٿي رهيو پر شاهه حسين جي مرڻ کانپوءِ ويهه سال هو خودمختياريءَ سان بکر جي حڪومت هلائيندو رهيو. هن کان هيٺ مان ان زماني جي جنگ جو احوال ڏيان ٿو." (13)

هن مضمون جي پنجين قسط ۾ پير علي محمد راشدي هندستان جي حڪمران اورنگزيب جي پنهنجي ڀاءُ داراشڪوهه سان بکر جي قلعي ۾ ٿيل ويڙهه جو احوال نهايت تفصيل سان ۽ تاريخ جي هڪ نهايت اهم ماخذ جي مدد سان بيان ڪيو آهي. جيئن پاڻ لکي ٿو: "نڪولا مانوشي نالي هڪ 14ورهين جو نوجوان ايشيا گهمڻ جي خاطر پنهنجي وطن وينس مان سال 1653ع ۾ پيگوءِ سمرنا ڏانهن ويندڙ هڪ جهاز ۾ لڪي پيو ۽ رستي ۾ هڪ انگريز خاندان وائڪائونٽ بيلامانٽ سان واقفيت پيدا ڪيائين جيڪو هندستان ۽ ايران ۾ اچي رهيو هو پر ٽن سالن اندر وائڪائونٽ مري ويو جنهن ڪري مانوشي بي يارو مددگار رلندو ڦرندو وري اچي شاهجهان جي وڏي پٽ دارا شڪوه جي نوڪريءَ ۾ بيٺو ۽

انتهائي سچائيءَ سان جيستائين دارا شڪوه زنده هو اوستائين ڏڪن سڪن ۾ سندس خدمت ڪندو رهيو. دارا جي انتقال ڪانپوءِ اورنگزيب ڪيس چڱي عهدي جي آڇ ڪئي پر هن چيو تہ آءٌ پنهنجي مرحوم آقا جي دشمن وٽ هرگز نوڪري ڪانہ ڪندس ۽ پوءِ هن حڪمت جو ڊنڊو ڪوليو. مانوشي دارا شڪوه جي لشڪر ۾ گولہ اندازيءَ جو ڪم ڪندو هو ۽ هن پنهنجا سارا چشم ديد واقعا هڪ ڪتاب ۾ قلم بند ڪيا آهن. جنهن جو انگريزي ترجمو منهنجي نظر مان گذريو آهي. بکر ۽ سکر وٽ دارا شڪوه جو آخري طرح قافلو لٽبو نظر اچي ٿو جيڪي مقابلہ پنهي لشڪرن جي وچ ۾ سکر جي خوني سرزمين تي ٿيا، تن جو احوال مٿئين ڪتاب مان اخذ ڪري هيٺ ڏيان ٿو.“(14)

اهڙيءَ ريت راشدي صاحب پنهنجي هن تاريخي مقالي ۾ سکر ۽ بکر سان لاڳاپيل نهايت اهم واقعا مختلف تاريخي ماخذن جي مدد سان سهيڙي، سموهي نہ رڳو سکر پر سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تاريخ جو اهم باب سامهون آندو.

## سکر ۽ روهڙيءَ جا آثار قديم:

پير علي محمد راشدي جو هيءُ مقالو پڻ سکر ۽ روهڙيءَ جي قديم آثارن بابت آهي. پير صاحب جو هي مقالو روزانہ الوحيد جي 16 جون 1936ع واري شماري (سنڌ آزاد نمبر) ۾ شايع ٿيو. هن مقالي ۾هيٺين آثارن بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي:

1. جامع مسجد روهڙي
2. مير معصوم بکري جا چند يادگار
3. روهڙيءَ جو عيدگاهہ
4. مناره معصوم
5. آرام گاهہ يا فيض محل
6. جيل جي قريب واريون عمارتون ۽ ڪوهہ
7. منزل گاهہ واريون عمارتون
8. ستياسر
9. اروڙ واري درياهہ جي سير وارا پٿر
10. قبرستان
11. خواجہ خضر جي آستان واري مسجد
12. قاسم خاني

13. تربت سلطان محمود بکري

14. روهڙيءَ جون پيون مسجدون

هن مقالي جو متن لڳ ڀڳ مٿي ڄاڻايل مقالي "سنڌ ۾ مغلن جي زماني جا تاريخي يادگار" مان ئي ورتل معلوم ٿئي ٿو.

مٿي ڄاڻايل مقالن کي ڊاڪٽر نواز علي 'شوق' مرتب ڪري "سکر، بکر، روهڙي (تاريخي مطالعو)" جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، سکر پاران 2001ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

## پير حسام الدين راشدي:

سنڌ جو عظيم محقق، تاريخدان ۽ اديب سيد حسام الدين راشدي ولد سيد حامد شاهه راشدي 26 رمضان المبارڪ 1329هه مطابق 20 سيپٽمبر 1911ع تي خميس ڏينهن صبح جو ساڍي ستين بجي ڳوٺ بهمڻ تعلقي رتي ديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. (15)

راشدي صاحب جي تعليم، تربيت ۽ ذهني اوسر سندس وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشدي جي سات ۾ ٿي ۽ پوءِ هو پنهنجي ذاتي مطالعي جي غير معمولي شوق ۽ لڳاءَ سبب ننڍي عمر ۾ ئي 1925ع ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشديءَ جي سندس اخبار 'الراشد' جي ڪڍڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳو. بعد ۾ هفتيوار 'المنار' سکر، هفتيوار 'پيغام' شڪارپور، هفتيوار 'سنڌ زميندار' سکر، هفتيوار 'ستاره سنڌ' سکر، هفتيوار 'قرباني' ڪراچي، ٽه ماهي 'مهراڻ' حيدرآباد، ٽه ماهي 'پارس' (فارسي) ڪراچي اخبارن ۽ رسالن سان وابسته رهيو. سنڌ جي تاريخ تي پير صاحب جا ڪتاب "تذڪره امير خاني، تاريخ مظهر شاهجهاني، ترخان نامه، مڪلي نامو امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکري، ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، هو ڏوٽي هو ڏينهن" خاص طور ذڪر جوڳا آهن. سنڌ جي عظيم محقق ۽ اسڪالر پير حسام الدين راشدي ٻهرين اپريل 1982ع تي وفات ڪئي ڪيس مڪلي جي تاريخي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

پير صاحب سکر جي تاريخ تي ڪتابن ۽ مقالن جي صورت ۾ نهايت اهم تحقيقي ڪم ڪيو جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

### (الف) مقالا (اردو):

مير (1)ابوالقاسم مکہ میں اور ان کا خاندان: هن مضمون ۾ پير صاحب اڪبر جي دور ۾ سنڌ جي

پرڳڻن سبي، بکر ۽ سيوهڻ ۾ عملدار طور رهندڙ هڪ ناماياري شخصيت مير ابوالقاسم نمڪين جي زندگيءَ جو احوال،خاندان ۽ وطن، نمڪين لقب جو پس منظر ۽ سندن سياسي خدمتن ۽ ڪارنامن بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني آهي. پير صاحب مير نمڪين کي بکر (سکر) جي جاگير ۽ حاڪميت ملڻ واري واقعي جي وضاحت ڪندي لکي ٿو: ”مير نمڪين سنہ 1003ھ ۾ بکر جو جاگيردار هو. بکر جاگير جي صورت ۾ انهيءَ سال مليو هو يا ان کان اڳ ان جي وضاحت ”اڪبرنامہ“ ۾ ڪونهي. ذخيرة الخوانين جو ليکڪ سنہ 1004ھ ۾ بکر جي جاگير ڪيس ملڻ بابت ٻڌائي ٿو... هن باب ۾ وڏيڪ اختلاف هي آهي تہ ماثرا الامراءِ جو ليکڪ لکي ٿو تہ ڪيس بکر جي حڪومت سنہ 1007ھ ۾ ملي ۽ ٻيو ڀيرو سنہ 1015ھ ۾ جهانگير جي زماني ۾ هو بکر جي حاڪم جي حيثيت ۾ آيو. اسان جو سنڌي مؤرخ خانبهادر خداداد خان صاحب ”لب تاريخ سنڌ“ ۾ لکي ٿو تہ: ”پهريون ڀيرو 1004ھ ۽ ٻيو ڀيرو 1007ھ ۾ ميرابوالقاسم بکر جو حاڪم ٿي ويو.“ (16)

اهڙيءَ ريت پير صاحب مير نمڪين جي بکر (سکر) جي عوام سان ناروا سلوڪ جي پڻ نشاندهي ڪندي لکي ٿو: ”مير صاحب بکر ۾ قيام دوران اتان جي رعيت سان سخت بدسلوڪي ڪئي، جنهن ڪري سڄي صوبي ۾ هنگامو برپا ٿي ويو. رعيت شاهي قاضي مولانا عبدالحئي وٽ فرياد ڪئي. قاضي مير صاحب کي عدالت ۾ گهرايو پر مير صاحب عدالتي ڪاروائيءَ جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي، ايستائين جو عدالت ۾ وڃڻ بہ گوارا نہ ڪيو. قاضي صاحب سخت ناراض ٿيو ۽ شاهي دربار ۾ شڪايت ڪئي تہ فلاڻو شخص بادشاهي حڪم ۽ عدالت جي تعميل بہ نٿو ڪري.“ (17)

هي مضمون 1950ع واري ڏهاڪي ۾ ڪراچي مان نڪرندڙ سہ ماهي رسالي ”تاريخ و سياسيات“ جي اپريل 1951ع ۽ آڪٽوبر 1951ع جي شمارن ۾ ٻن قسطن ۾ شايع ٿيو. بعد ۾ ”مقالاتِ راشدي“ (مرتب: غلام محمد لاکو)۾ شامل ڪيو ويو. لاکي صاحب مضمون جي علمي اهميت کي وڌائيندي آخر ۾ ڪجهہ اضافي حاشيا پڻ شامل ڪيا آهن.

(2)سلطان محمود بکھری کی زندگی کا ایک پہلو: هن مقالي ۾ پير صاحب سنڌ جي حڪمران سلطان محمود بکري جي زندگيءَ جو احوال پيش ڪيو آهي.پير صاحب سلطان محمود بکريءَ جي همت ۽ بهادريءَ کي ساراهيندي ان دور جي سنڌ خاص طور اتر سنڌ جي سياسي

حالتن ۾ واقعن جي اپٽار ڪندي لکي ٿو: "سلطان محمود سنڌ ۾ جيڪومقام حاصل ڪيو ۽ ترخانن جهڙن بهادر ۽ اڪثريت واري قبيلي جي رقابت ۽ دشمنيءَ باوجود اتي سنڌ تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. ان جو سبب نہ رڳو سندس جانباز ۽ وفادار سپاهي هئا, بلڪ ان ۾ سندس پنهنجي بهادري, جوان مردي, عزم, ذهانت ۽ سڀ کان وڏيڪ معاملہ فهمي ۽ ملڪ هلائڻ جي طور طريقن جي وصف جو پڻ وڏو دخل هو. سندس شخصت نهايت دلچسپ ۽ سياسي سمجهہ ۽ بصيرت جي لحاظ کان پنهنجي مثال پاڻ هئي. جنهن وقت هن مٿئين سنڌ جي حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿن ۾ رکيون ان وقت جون حالتون سندس لاءِ نهايت خطرناڪ ۽ پر آشوب هيون. سنڌ ۽ ٺٽي جو حڪمران ميرزا عيسيٰ ترخان سندس جاني دشمن ۽ کيس مارائڻ جي تاڙ ۾ ويٺل هو ۽ پاڙيسري ملڪ هندستان تي شاهہ حسن جي انتقال (9 جماد الاول 962هہ پهرين اپريل 1555ع) کان هڪ مهينو اڳ, همايون لاهور تي قبضو ڪري چڪو هو (2 ربيع الثاني 962هہ 24 فيبروري 1555ع) ۽ ٽن مهينن بعد (2 شعبان 962هہ/22 جون 1555ع) سرهند ويجهو سورين کي شڪست ڏئي سڄي هندستان تي مغل بادشاهت جو جهنڊو ٻيهر ڦڙڪايو هو. شهنشاهہ همايون, سلطان محمود بکريءَ جو وڏو دشمن هو. ڇاڪاڻ تہ هن جڏهن شير شاهہ کان شڪست کائي سنڌ ۾ پناهہ وٺڻ پهتو (28 رمضان 947هہ/26 جنوري 1541ع کان 7 ربيع الثاني 950هہ/11 جولاءِ 1543ع) هو تہ ان وقت پنهنجي ولي نعمت شاهہ حسن ارغون جي حڪم تي سلطان محمود وک وک تي همايون کي روڪيو ۽ اهڙيءَ ريت مقابلا ڪيا جو ڪٿي بہ سندس پير ڪِپي نہ سگهيا." (18)

اهڙي ريت پير صاحب هن تاريخي مقالي وسيلي سکر جي تاريخ سان لاڳاپيل هڪ دور کي سهيڙي سامهون آندو آهي. حوالا وضاحتن سميت شامل ڪيا ويا آهن. لاکي صاحب هن مقالي کي پنهنجي ڪتاب "مقالات راشدي" ۾ شامل ڪندي ڄاڻايو آهي تہ "هي مقالو اصل ۾ فارسي ۾ لکيو ويو ۽ سال 1972ع ۾ ايران شناسي جي ٻي بين الاقوامي ڪانگريس منعقده تهران ۾ پڙهيو ويو... هن اهم مضمون جو اردو ترجمو خود مصنف ڪيو. جنهن کي جناب احمد نديم قاسمي پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب "نذر حميد احمد خان" ۾ شامل ڪيو. هي ڪتاب مجلس ترقي ادب 1980ع ۾ شايع ڪيو." (19)

## (ب) ڪتاب (سنڌي):

## تذڪره امير خاني (1961ع)

هن ڪتاب لکڻ ڏانهن پير صاحب 1932ع ۾ متوجهه ٿيو جڏهن پاڻ سکر جي مشهور قديم آثار "ستين جي ٿان" جي مجاور ڪان اتي موجود قبر بابت پڇيائين ته هي قبر ڪنهن جي آهي، ته جواب ۾ ڪيس ٻڌايو ويو ته "بل قاسم جي" پير صاحب وري ڪانئس پڇيو ته "ڪير هو بل قاسم" ته جواب ۾ چيو ويو "بن قاسم جو ساٿي ۽ نبي سائين جن جو صحابي". (20)

پير صاحب پنهنجي ديباچي ۾ اڳتي لکي ٿو "قبرستان کي ڏسڻ بعد پنهنجي سنڌي ڀائرن جي ناواقفيت، بيخبري ۽ بي بهري هجڻ تي افسوس ڪونه ٿيو پلا ڪهڙي لکيل پڙهيل سنڌيءَ پنهنجي ملڪ ۽ وطن جي آثارن کي اڇي ڏٺو آهي؟ ڪهڙي سياڻي ۽ سيبتي کين اصل حقيقت کان آگاهه ڪيو آهي؟" (21)

انهيءَ اندر جي اڌمي پير صاحب کي ان قبرستان ۾ دفن ٿيل شخصيتن بابت کوجنا ڪرڻ تي اتساهيو. پير صاحب کي تحقيق مان ستين جي ٿان ۾ دفن مير ابو القاسم نمڪين ۽ سندس خاندان بابت ابتدائي طور تي جيڪا ڄاڻ ملي، ان بابت سندس تاثرات هي آهن:

"...مون ڏٺو ته انهيءَ گهراڻي تي سئو ورهيه نه فقط سنڌ ۽ هند جي سياست ۽ حڪومت ۾ نمايان حصو ورتو آهي، بلڪ خود سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ سندن ڇڏيل اثاثو ۽ ورثو ايترو گهڻو ۽ ايڏو بي مثل آهي، جو هوند اسان ڪيترو ئي فخر ڪريون، تڏهن به ڪجهه نه آهي..." (22)

وڌيڪ لکي ٿو: "سرڪاري ملازم سنڌ جي حاڪم ۽ مغليه منصبدار جي حيثيت ۾، سنڌ جي تاريخ ۾ انهيءَ خاندان جو ذڪر ضمنن اچي سگهيو ٿي، ليڪن مون سمجهيو ته اِهو سراسر ظلم آهي، جو سياست ڪاريءَ جي ڪشت و خون واري ميدان ۾ انهيءَ گهراڻي کي آڻي، انهن جون علمي ۽ ثقافتي خدمتون اکين کان اوجهل ڪري ڇڏجن، تنهنڪري مون فيصلو ڪيو ته انهيءَ گهراڻي جو جدا تذڪرو لکڻ گهرجي، جنهن ۾ سياسي پس منظر سان گڏ، سندن علمي ڪارگذاريون، ٽن صدين جي گرد و غبار مان ڪڍي، چنبڙي ڦوڪي اجاگر ڪجن." (23)

اهڙي ريت پير صاحب هن ڪتاب ۾ امير خاني سيدن مان مير ابوالقاسم 'نمڪين'، ميرابوالبقا امير خان، يوسف ميرڪ (مصنف- تاريخ مظهر شاهجهاني)،

مير عبدالڪريم امير خان سنڌي، مير ابوالمڪارم شهود، مير امين الدين خان حسين، مير متين الدين خان، مير محمد غوث، مير ابوالمفاخر، مير رضي الدين ’فدائي‘، مير حيدر الدين ابو تراب ڪامل، مير ولي اعظم، مير حبيب الله، مير باقر خان جي سوانح، علمي، ادبي، تاريخي ۽ سياسي خدمتن تي مشتمل تفصيلي احوال شامل ڪيو آهي.

مير ابوالقاسم نمڪين جي بکر (سکر) سڪونت اختيار ڪرڻ واري زماني جي احوال ڪي پير صاحب هن ريت درج ڪيو آهي: ”ماثر الامراء“ جو قول آهي تہ مير صاحب کي بکر بيحد پسند هو. اتي ئي هن مختلف عمارتون ٺهرايون. انهيءَ نواح ۾ ئي هن باغ رکرايا، ۽ آخري آرامگاهہ بہ هن کي پنهنجي انهيءَ نشست گاهہ تي نصيب ٿيو جتي زندگيءَ جي چانڊوڪي راتين ۾ مجلسون آراستہ ڪندو هو. سندس مٽ مائٽ ۽ اولاد بہ بکر ۾ ئي رهيو. سندس نالي پٺيان سندس اولاد جيڪو بکر ۾ مقيم ٿيو سو ”سادات قاسم خان“ سڏيو ويندو هو.“ (24)

پير صاحب جي بکر جي هن تاريخي شخصيت بابت انهيءَ تحقيق کي اڳتي وڌائيندي سنڌ جي نامياري محقق ۽ اديب ڊاڪٽر غلام محمد لاکي بعد ۾ مير ابو القاسم ’نمڪين‘ جي زندگيءَ جي احوال سان لاڳاپيل اضافي معلومات هٿ ڪري هڪ مقالو لکيو جيڪو ”مير ابو القاسم ’نمڪين‘، سنڌ جي تاريخ جو غير معمولي ڪردار“ جي عنوان سان ڊاڪٽر ڪليم لاشاري جي سهيڙيل ڪتاب ”سکر - تاريخ ۽ سماج“ (ڇاپو 2001ع) ۾ شامل آهي. لاکي صاحب انهيءَ سلسلي کي اڳتي وڌائيندي ”تذڪره امير خاني“ جي سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيل 2005ع واري ڇاپي ۾ ڪتاب جي متن سان لاڳاپيل اهم واڌارا پڻ شامل ڪيا آهن.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ پاران 1961ع ۾ شايع ڪيو ويو ۽ ٻيو ڇاپو 2005ع ۾ شايع ڪيو ويو. ٻئي ڇاپي ۾ ڪتاب جي متن ۾ ذڪر هيٺ آيل ماڳن، آثارن، دفينن، مقبرن ۽ ڪتبن بابت 82 تصويرون شامل ڪيون ويون آهن. ان کان علاوه ٽي نسبناما (1) سادات قاسم خاني (2) امين الدين خان جي اولاد ۽ (3) شيخ عبدالعزيز هالن واري جا ۽ٽي نقشا (1) جامع مسجد ٺٽي جو نقشو (2) صفهٔ صفا جي مقبرن جو نقشو(2عدد) ۽ (3) مڪليءَ واري امير خاني قبرستان جو نقشو پڻ هن ڪتاب ۾ شامل آهن.

## امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکري (1979ع):

هي ڪتاب، سنڌ جي تاريخ جي ارغون ترخان دور جي مشهور حڪمران، شاعر ۽ ڪتبہ نويس مير محمد معصوم بکري جي تفصيلي سوانح حيات ۽ سندس ڪيل علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي خدمتن تي مشتمل آهي. پير صاحب هي ڪتاب 19 ورهين جي ڄمار ۾ 1932ع ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ اٺهٺ (68) سالن جي عمر ۾ لکي پورو ڪيو يعني هڪ تمام ڊگهي تحقيقي عمل مان گذرڻ بعد هي ڪتاب1979ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپجي پڌرو ٿيو.

هن ڪتاب جو انتساب پير صاحب پنهنجي وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشدي جي نانءُ ڪيو آهي. پير صاحب هن ڪتاب جو پس منظر واضح ڪندي مهاڳ ۾ 1928ع ۾ سکر ۾ مير معصوم بکريءَ جو تعمير ڪرايل منارو ڏسڻ، بعد ۾ 1931ع ۾ پراڻي سکر جي معصومي خاندان پاران سندن پرڻي مڙس کي پڳ ٻڌائڻ جي رسم واري جلسي ۾ ٿيل تقريرن جي مشاهدي جو ذڪر ڪيو آهي. اهو زمانو دراصل پير صاحب جو تاريخ شناسي ۽ تاريخ نويسيءَ جو ابتدائي دور هو جيئن پير صاحب لکي ٿو: ”سکر ۾ مسلسل رهڻ سبب دلچسپي وڌندي رهي ۽ مير جي متعلقات جو هر اطلاع گڏ ڪرڻ شروع ڪيم.“ (25)

اهڙي ريت پير صاحب ٻين ڪتابن جي تصنيف و تاليف جي ڪمن ڪارين سان گڏوگڏ هن موضوع سان لاڳاپيل مواد جي ڳولا لاءِ پڻ سرگردان رهيو. آخر تمام وڏي تحقيق ۽ جاکوڙ ڪانپوءِ پير صاحب هي ڪتاب تيار ڪيو جنهن ۾ هن مير محمد معصوم بکري جي شخصيت، زندگيءَ جي احوال، سندس انتظامي ۽ حڪومتي ڪارنامن، علمي ادبي ذوق ۽ تصنيفات، فنِ تعمير جي ذوق جي تسڪين طور سندس جوڙايل عمارتن جي تذڪري سان گڏ ان دور جي سنڌ جي سياسي، سماجي تاريخ جا اهم واقعا ۽ حالتون پڻ درج ڪيون آهن، جنهن مان مجموعي طور سنڌ ۽ خصوصي طور سکر جون تاريخي حالتون واضح ٿين ٿيون.

ڊيمي سائيز جي 525 صفحن وارو هي ڪتاب، ٽيهن بابن تي مشتمل آهي، جنهن جي شروع ۾ 8 صفحن جو ديباچو پڻ شامل آهي.پير صاحب ڪتاب جي آخر ۾ هڪ سئو چوڏهن (114) تصويرون پڻ شامل ڪيون آهن، جيڪي مقبرن، مسجدن، عمارتن، مينارن، آرام گاهن، عيدگاهن ۽ ڪتبن جون آهن. ڪتاب ۾ مير معصوم بکريءَ جو شجرو ۽ معصوم شاهه جي مناري جو نقشو فولڊنگ صفحن جي صورت ۾ شامل ڪيا ويا آهن. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو ڊبل ڪرائون سائيز تي 1979ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيو ويو ۽ ان جو ٻيو ڇاپو ڊيمي سائيز ۾ 2005ع ۾ ساگئي اداري پاران شايع ڪيو ويو.

هن ڪتاب جو اردو ترجمو ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪيو آهي. جيڪو ساڳئي اداري پاران 2011ع ۾ شايع ٿيو آهي.

پير صاحب جي هن ڪتاب جي موضوع سان لاڳاپيل تحقيقي ڪم کي اڳتي وڌائيندي سنڌ جي نامياري محقق ۽ اديب ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي هڪ مقالو 'امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکريءَ جو اولاد ۽ آثار (مزيد تحقيق جي روشني ۾)' جي عنوان سان لکيو جنهن ۾ هن پير صاحب کان رهجي ويل مير معصوم بکريءَ جي پونئرن ۽ سندس جوڙايل ڪجھ عمارتن بابت ڪجھ اضافي مواد ڏنو آهي. خانائي صاحب جو هيءُ مقالو سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيل سندس ڪتاب "مقالات خانائي" (جلد پهريون) ۾ شامل آهي.

راشدي ڀائرن جي 'سکر جي تاريخ' بابت مٿي ڄاڻايل تحقيقي ڪم جي جائزي مان اهو پڌري پٽ واضح آهي ته سکر شهر قديم دور کان وٺي نه رڳو سنڌ جي سياسي سماجي عروج ۽ زوال جي اهم تاريخي واقعن ۽ حالتن جو شاهد رهيو آهي، پر برصغير جي تڏهوڪين اهم ترين شخصيتن جي گرمين سردين ۽ لاهن چاڙهن جو پڻ تختہ مشق بڻيو آهي. اڄوڪي سنڌ جي تاريخدانن لاءِ اها هڪ اٽل حقيقت ۽ ضرورت آهي ته راشدي ڀائرن جي مذڪوره تحقيقي پورهئي کي اتان کان اڳتي وڌائجي جتي انهن ڇڏيو هو.

## حوالا:


1. چانڊيو خادم حسين. (2003ع). 'ماروجي مليرجا' حيدرآباد: گنج بخش ڪتاب گهر ص 411.
2. ايضاً ص - 442.
3. راشدي پير علي محمد. (1983ع). 'حسام الدين راشدي مرحوم. حسام الدين ڪيئن بڻيو؟' سہ ماهي مهراڻ راشدي نمبر سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو- ص8.
4. راشدي سيد حسام الدين. (2005ع). "امين الملڪ نواب مير معصوم بکري" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ص: ز- ج.
5. چانڊيو خادم حسين. (2003ع). "ماروجي مليرجا" حيدرآباد: گنج بخش ڪتاب گهر ص 444.
6. ايضاً - ح.
7. ايضاً ص 55.
8. ماهوار نئين زندگي جولاءِ. (1964ع). ص:6

9. راشدي، پير علي محمد شاهه (1976ع)، سکر جون جنگيون، ماهوار نئين زندگي، جولاءِ - آگسٽ ص -5
10. راشدي، پير علي محمد شاهه (1976ع)، سکر جون جنگيون، ماهوار نئين زندگي، جولاءِ - آگسٽ ص -5
11. راشدي، پير علي محمد شاهه (1976ع)، سکر جون جنگيون، ماهوار نئين زندگي، سيپٽمبر ، ص - 3
12. راشدي، پير علي محمد شاهه (1976ع)، سکر جون جنگيون، ماهوار نئين زندگي، آڪٽوبر ، ص - 3
13. راشدي، پير علي محمد شاهه (1976ع)، سکر جون جنگيون، ماهوار نئين زندگي، نومبر ، ص - 12
14. راشدي، پير علي محمد شاهه (1977ع)، سکر جون جنگيون، ماهوار نئين زندگي، جنوري ، ص - 6.
15. سيد، جي ايم (2004ع)، 'جنب گذاريم جن سين'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ص: 453.
16. لاکو غلام محمد (2002ع)، مقالات راشدي (اردو)، انسٽيٽيوٽ آف سنٽريل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽيڊيز جامعه ڪراچي ، ص 83-82.
17. لاکو غلام محمد (2002ع)، مقالات راشدي (اردو)، انسٽيٽيوٽ آف سنٽريل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽيڊيز جامعه ڪراچي ، ص 84-83 .
18. ايضاً ص 417 .
19. لاکو غلام محمد (2002ع)، مقالات راشدي (اردو)، انسٽيٽيوٽ آف سنٽريل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽيڊيز جامعه ڪراچي ، ص16.
20. راشدي، سيد حسام الدين (2005ع)، تذڪره امير خاني، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ص: 01.
21. راشدي، سيد حسام الدين (2005ع)، تذڪره امير خاني، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ص: 02 .
22. راشدي، سيد حسام الدين (2005ع)، تذڪره امير خاني، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ص: 02.
23. راشدي، سيد حسام الدين (2005ع)، تذڪره امير خاني، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ص:05.
24. راشدي، سيد حسام الدين (2005ع)، تذڪره امير خاني، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ص: 46.
25. راشدي، سيد حسام الدين (2005ع)، امين الملڪ نواب مير معصوم بکري، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ص: ز.